هفتيوار سُنتن ڀريي اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

# سُنتن ڀريو بيان

# صدقي جون بهارون مع
# افضل صدقات

(Sindhi)



اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ ط

اَمَّا بَعْدُ! فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْم ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم ط

# صدقي جون بهارون مع افضل صدقات

اَلصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَ اَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَ اَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الِاعْتِكَاف

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري وٺو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب پڻ ملندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرود شريف جي فضيلت

رسولِ اڪرم،نورِ مُجَسَّم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ رحمت نشان آهي: ثَلَاثَةٌ يَوْمَ الْقِيَامَةِ تَحْتَ عَرْشِ اللّٰهِ يَوْمَ لَاظِلَّ اِلَّا ظِلَّهٗ يعني قيامت جي ڏينهن جڏهن الله عَزَّوَجَلَّ جي عرش ڪان سِواءِ ڪا ڇانو نہ هوندي، ٽي (3) شخص الله عَزَّ وَجَلَّ جي عرش جي ڇانو ۾ هوندا. عرض ڪيو ويو: يارسولَ الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اهي ڪير هوندا ؟ ارشاد فرمايو: (1) مَنْ فَرَّجَ عَنْ مَكْرُوْبِ اُمَّتِيْ جنهن منهنجي ڪنهن اُمّتي جي پريشاني پري ڪئي هوندي (2)وَمَنْ اَحْيَا سُنَّتِيْ جنهن منهنجي سُنّت کي زنده ڪيو هوندو، (3) وَمَنْ اَكْثَرَالصَّلَاةَعَلَيَّ ۽ جنهن مون تي ڪثرت سان دُرود شريف پڙهيا هوندا.[1]

1...بستان الواعظين،مجلس فی قولہ تعالی ان اللہ وملئکتہ...الخ ،ص۲۶۱-۲۶۰،رقم:۱۷

www.dawateislami.net

اپنے خطا واروں کو اپنے ہی دامن میں لو کون کرے یہ بھلا تم پہ کروڑوں دُرود

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪيون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ. يعني مسلمان جي نيت ان جي عمل کان بهتر آهي.[1]

ٻہ مدني گُل: 1 بنا سٺي نيت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.
2 جيتريون سٺيون نيتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

❁ نگاهون جهڪائي انتهائي توجه سان بيان ٻُڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو گوڏا ڀجي ويهندس ❁ ضرورت طور سوڙهو ٿي سِرڪي ٻين جي لاءِ جاءِ ڪُشادي ڪندس ❁ ڌڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهورڻ، جهڙڪڻ ۽ اُلجهڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَى الحَبِيْب! اُذْكُرُوالله، تُوبُوا اِلَى الله! وغيره ٻُڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي (يعني دلداري) جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مُصافحو ۽ اِنفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ڪرڻ جون نيّتون

مان بہ نيت ڪيان ٿو ❁ الله جي رضا حاصل ڪرڻ ۽ ثواب حاصل ڪرڻ

[1] (المعجم الكبير للطبراني، باب السين،سهل بن سعد الساعدى الحديث: 5942، ج 6، ص 185)

www.dawateislami.net

جي لاءِ بيان ڪندس ❁ ڏسي بيان ڪندس ❁ سيپاري 14 سورةُ النحل آيت نمبر 125: اُدۡعُ اِلٰى سَبِيۡلِ رَبِّكَ بِالۡحِكۡمَةِ وَ الۡمَوۡعِظَةِ الۡحَسَنَةِ "ترجموڪنزالايمان: پنهنجي ربّ جي واٽ جي طرف سڏ پڪي سمجهه ۽ چڱي نصيحت سان." ۽ بخاري شريف (حديث: 4361) جي هن فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: بَلِّغُوا عَنِّي وَلَو اٰيَة[1] يعني "منهنجي طرفان پهچايو جيتوڻيڪ هڪ آيت ئي هجي" ۾ ڏنل احڪام جي پيروي ڪندس ❁ نيڪي جو حڪم ڏيندس ۽ بُرائي کان منع ڪندس ❁ شعر پڙهڻ، عربي، انگريزي ۽ ڏکيا لفظ ڳالهائڻ دؤران دل جي اِخلاص تي توجُّهه رکندس يعني پنهنجي عِلميّت جو ڌاڪو ويهارڻ مقصود ٿيو ته ڳالهائڻ کان بچندس ❁ مدني قافلي، مدني انعامات ۽ پڻ علاقائي دورو براءِ نيڪي جي دعوت وغيره جي رغبت ڏياريندس ❁ ٺهڪ ڏيڻ ۽ ڏيارڻ کان بچندس ❁ نظر جي حفاظت بڻائڻ جي خاطر حتي الامڪان نگاهون جُهڪائي رکندس.

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## نابين، گنجي ۽ ڪوڙهيءَ جو امتحان

دعوتِ اسلامي جي اِشاعتي اِداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل، 412 صفحن تي مشتمل ڪتاب "عُيونُ الحڪايات" جلد 1 جي صفحي نمبر 210 تي صحيح بُخاري شريف جي حوالي سان هڪ رِوايت نقل آهي:

نبي ڪريم، رؤفٌ رَّحِيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو ته بني اسرائيل ۾ ٽي(3) شخص هئا انهن مان هڪ بَرَص (يعني رت جي خرابي جي ڪري جسم تي ٽيڙ وارن سفيد نشانن) جو مريض، ٻيو گنجو، ۽ ٽيو نابين هو. الله عَزَّوَجَلَّ انهن جي آزمائش جي لاءِ (انساني شڪل ۾) هڪ ملائڪ کي واري واري سان انهن

[1]...بخارى، كتاب احاديث الانبياء،باب ماذكر عن بنى اسرائيل،462/2،حديث:3461

وٽ موڪليو، سڀ کان پهريان اهو بَرَص (يعني ڪوڙهه) واري مريض وٽ آيو ۽ اُن کان پڇيو: توکي سڀ کان وڌيڪ ڪهڙي شيءِ پسند آهي؟ان چيو: مون کي سٺي رنگت ۽ خُوبصُورت چمڙي پسند آهي ڇوته (هِنن سفيد نشانن ۽ خراب جِلد جي ڪري) ماڻهو مون کان نفرت ڪندا آهن. پوءِ ملائڪ اُن جي جسم تي هٿ ڦيريو ته ان جي اها بيماري ختم ٿي وئي ۽ اُن جي رنگت سٺي ۽ جِلد خُوبصُورت ٿي وئي. ملائڪ ٻيهر ان کان پڇيو: توکي ڪهڙو مال وڌيڪ پسند آهي؟ ان چيو: مون کي اُٺ پسند آهن. انهيءَ وقت ان کي هڪ ڏُڪي اونٺڙي ڏني وئي ۽ ملائڪ دُعا ڏني: الله عَزَّ وَجَلَّ توکي ان ۾ برڪت ڏئي. ان کان پوءِ اهو ملائڪ گنجي وٽ آيو، ان کان پڇيو: تو کي ڪهڙي شيءَ سڀ کان وڌيڪ پسند آهي؟ اُن چيو: مون کي خُوبصُورت وار وڌيڪ پسند آهن ۽ مان چاهيان ٿو ته منهنجي اها گنجاڻ ختم ٿي وڃي، ڇو ته اِن جي ڪري ماڻهو مون کي ناپسند ڪندا آهن. ملائڪ ان تي هٿ ڦيريو ته ان جو گنجاڻ ختم ٿي وئي ۽ اُن کي خُوبصُورت وار عطا ڪيا ويا، پوءِ ملائڪ ان کان پڇيو: تو کي ڪهڙو مال وڌيڪ پسند آهي؟ ان چيو: مون کي ڳئون وڌيڪ پسند آهي .پوءِ ان کي هڪ ڏُڪي ڳئون ڏني وئي ۽ ملائڪ ان جي لاءِ به دُعا ڪئي ته الله عَزَّوَجَلَّ تو لاءِ هن ۾ برڪت ڏئي. آخر ۾ اهو ملائڪ نابين وٽ آيو ۽ اُن کان به پڇيائين ته تو کي ڪهڙي شيء سڀ کان وڌيڪ پسند آهي؟ ان چيو: مون کي هي پسند آهي ته الله عَزَّوَجَلَّ مون کي اکين جو نور عطا ڪري ته جيئن مان ماڻهن کي ڏسي سگهان. ملائڪ ان تي هٿ ڦيريو ته الله عَزَّوَجَلَّ ان کي اکين جي روشني عطا ڪري ڇڏي. پوءِ ان کان پڇيائين: تو کي ڪهڙو مال وڌيڪ پسند آهي؟ ان چيو: ٻڪريون. پوءِ ان کي هڪ ڏُڪي ٻڪري ڏني وئي. هاڻي اونٺڙي، ڳئون ۽ ٻڪريءَ ڦَرَ ڄڻڻ شروع ڪيا ۽ ڪجهه ئي عرصي ۾ انهن ٽنهي جي جانورن ۾ ايترو اِضافو ٿيو جو هڪ جي اُٺن، ٻي جي ڳئون ۽ ٽي جي ٻڪرين سان هڪ هڪ ميدان ڀرجي ويو. پوءِ فرشتو اُن بَرَص (يعني ڪوڙهه) جي مَرَض واري وٽ ان جي پهرين صُورت يعني بَرَص جي حالت ۾ آيو ۽ ان کي چيائين: مان هڪ

غريب ۽ مسڪين آهيان، ۽ منهنجو سامان ختم ٿي ويو آهي، واپس وڃڻ جي ڪا صُورت نظر نه پئي اچي، پر الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت مان اُمّيد آهي ۽ مان تنهنجي مَدَد جو طَلَب گار آهيان. جنهن ذات تو کي خُوبصُورت رنگت ۽ جِلد ۽ ايتري قدر مال عطا ڪيو آهي، مان توکي ان جو واسطو ڏيان ٿو ته مون کي هڪ اُٺ ڏئي ڇڏ ته جيئن مان پنهنجي منزل تائين پهچي سگهان، اهو ٻڌي اُن شخص منع ڪندي چيو ته مون تي پهريان ئي گهڻيون ذِمّيداريون ۽ حق آهن. ملائڪ چيو: مون کي ائين لڳي ٿو ته مان توکي سڃاڻان ٿو، ڇا تُون اهو ئي نه آهين جنهن کي بَرَص جي بيماري هئي ۽ ماڻهو تون سان نفرت ڪندا هئا ۽ تون فقير ۽ محتاج هئين، پوءِ الله عَزَّوَجَلَّ تو کي مال عطا ڪيو. ان چيو: مون کي ته هي سڄو مال وِراثت ۾ مليو آهي ۽ نسل دَر نسل اهو مال مون تائين پهتو آهي. ملائڪ چيو: جيڪڏهن تون پنهنجي هن ڳالهه ۾ ڪوڙو آهين ته الله عَزَّوَجَلَّ تو کي اهڙو ئي ڪري ڇهڙو تون پهرين هئين. پوءِ اهو ملائڪ گنجي وٽ اُن جي پهرين صُورت ۾ آيو ۽ اُن سان اها ئي ڳالهه چئي جيڪا بَرَص واري سان چئي هُيائين. ان به بَرَص واري وانگر جواب ڏنو. ملائڪ چيو: جيڪڏهن تون پنهنجي ڳالهه ۾ ڪوڙو آهين ته الله عَزَّوَجَلَّ تو کي تنهنجي پهرين واري حالت ۾ موٽائي ڇڏي. پوءِ ملائڪ نابين وٽ ان جي پهرين واري حالت ۾ آيو ۽ چيائين: مان هڪ مسڪين ۽ مسافر آهيان ۽ منهنجو سامان ختم ٿي ويو آهي. اهڙي حالت ۾ پنهنجي منزل تائين نٿو پهچي سگهان، پر الله عَزَّوَجَلَّ جي ذات ۾ اُمّيد آهي ۽ ان کان پوءِ مون کي تنهنجو آسرو آهي. مان اُنهيءَ ذات جو واسطو ڏئي تو کان سوال ڪيان ٿو، جنهن تو کي اکيون عطا ڪيون تون مون کي هڪ ٻڪري ڏي ته جيئن مان پنهنجي منزل تائين پهچي سگهان. ته هو چوڻ لڳو: واقعي مان پهريان نابين هئس، الله عَزَّوَجَلَّ مون کي اکيون عطا ڪيون ۽ غريب هئس، الله عَزَّوَجَلَّ مون کي غني ڪري ڇڏيو، تون جيترو چاهين هن مال مان ڪڍي وٺ ۽ جيترو چاهين ڇڏي ڏئي. الله عَزَّوَجَلَّ جو قسم! تو جيترو مال الله

عَزَّوَجَلَّ جي خاطر وڃڻ چاهين ٿو ڪٽي وڃ، مان تو کي مَشَقَّت ۾ نہ وجهندس (يعني منع نہ ڪندس). اهو ٻڌي ملائڪ چيو: تنهنجو مال تو کي مُبارڪ هجي، اهو سمورو مال تون پاڻ وٽ ئي رک. توهان ٽنهي جو اِمتحان ورتو ويو، تنهنجي لاءِ الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا آهي ۽ تنهنجي ٻنهي دوستن (يعني ڪوڙهي ۽ گنجي) جي لاءِ الله عَزَّوَجَلَّ جي ناراضي آهي.[(1)]

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل حڪايت مان جتي اهو معلوم ٿيو تہ ضرورت مندن جي مَدَد ڪرڻ ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي عطا ڪيل مال مان اُن جون ضرورتون پوريون ڪرڻ، رِضاءِ الٰهي جو ذريعو آهي، اتي اهو بہ معلوم ٿيو تہ قُدرت باوجود صَدَقو ۽ خَيرات خاص طور صَدَقاتِ واجبہ مثال زڪوٰة ۽ فِطرو وغيره نہ ڏيڻ ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي ناراضگي ۽ اُن جي عطا ڪيل نعمتن جي ناشُڪري آهي. تنهنڪري اسان کي صَدَقاتِ واجبہ جي اَدائيگي سان گڏوگڏ نفلي طور تي بہ خُوب خُوب صَدَقو ۽ خَيرات ڪرڻ گهرجي.

دولتِ دُنيا سے بے رَغبت مجھے کر دیجئے
میری حاجت سے مجھے زائد نہ کرنا مالدار

(وسائلِ بخشش مُرمّم،ص218)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اميرِ اهلسنّت،باني دعوتِ اسلامي،حضرت علامہ مولانا ابوبلال محمد الياس عطار قادِري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه جي مدني سوچ تي قُربان وڃو جو بارگاهِ رِسالت ۾ عرض ڪن ٿا تہ مون کي دُنيا جي دولت کان بي رَغبت ڪري ڇڏيو ۽ منهنجي حاجت کان وڌيڪ مون کي مال عطا نہ ڪيو، سُبحان الله عَزَّوَجَلَّ، اچو! اسان بہ بارگاهِ رِسالت ۾ عرض ڪيون ٿا تہ آقا!

---

1...بخاری،کتاب احادیث الانبیاء،باب حدیث ابرص واعمی ...الخ،۲/ ۴۶۳،حدیث: ۳۴۶۴

www.dawateislami.net

دولتِ دُنیا سے بے رَغبت مجھے کر دیجئے
میری حاجت سے مجھے زائد نہ کرنا مالدار

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ياد رکو تہ ڪو بہ مُلڪ خواه مَعَاشِي طور تي ڪيترو ئي تَرَقّي يافتہ ڇو نہ هجي، پر عام طور تي اُن ۾ ماڻهن جو هڪ اهڙو طبقو بہ هوندو آهي جيڪو مُختلف سببن جي ڪري غُربت ۽ اَفْلَاس جو شِڪار هوندو آهي . اهڙن ماڻهن جي ڪفَالَت جي ذِمّيداري، الله عَزَّوَجَلَّ صاحبِ حَيثِيت ماڻهن جي حوالي ڪئي آهي. جيئن الله عَزَّوَجَلَّ مالدار مسلمانن تي زڪوٰة فرض ڪئي، تہ جيئن اُهي پنهنجي زڪوٰة جي ذريعي مُعَاشري جي ڪمزور ۽ نادار طبقي جي مَدَد ڪن ۽ دولت ڪجهہ ماڻهن جي هٿن ۾ قيد ٿيڻ بدران مُعاشري جي ستايل غريب ماڻهن تائين بہ پهچندي رهي تہ جيئن مُعَاشري ۾ مَعَاشِي توازُن جي فضَا قَائم ٿئي.

ياد رهي تہ جيڪڏهن الله عَزَّوَجَلَّ چاهي ها تہ سيني کي دولت مند ڪري ڇڏي ها ۽ ڪو بہ شخص غريب نہ هجي ها، پر اُن پنهنجي مَشِيت سان ڪنهن کي اَمِير بڻايو تہ ڪنهن کي غريب تہ جيئن اَمِير کي ان جي دولت ۽ غريب کي ان جي غُربت جي سبب آزمائي. جيئن تہ سيپاري 8 سورةُ الأنعام جي آيت نمبر 165 ۾ ارشادِ خُداوندي عَزَّوَجَلَّ آهي:

وَهُوَ الَّذِي جَعَلَكُمْ خَلَائِفَ الْأَرْضِ وَرَفَعَ بَعْضَكُمْ فَوْقَ بَعْضٍ دَرَجَاتٍ لِيَبْلُوَكُمْ فِي مَا آتَاكُمْ (پ۸، الانعام:۱۶۵)

**تَرجموڪنز الايمان:** ۽ اُهو ئي آهي جنهن زمين ۾ توهان کي نائِب ڪيو ۽ توهان مان هڪڙن کي ٻين تي ڪيئي درجا بُلندِي ڏنائين جيئن توهان کي آزمائي اُن شيءِ ۾ جيڪا توهان کي عطا ڪيائين.

www.dawateislami.net

صدْرُ الْاَفَاضِل حضرت علاّمہ مولانا سَید مُفتي محمد نعيمُ الدّين مُراد آبادي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه هن آيت تحت لکن ٿا: يعني آزمائش ۾ وجهي تہ توهان نعمت، عزت ۽ مال حاصل ڪري شُڪر گُذار ڪيئن رهو ٿا ۽ پاڻ ۾ هڪ ٻئي سان ڪهڙي قسم جو سُلوڪ ڪيو ٿا.[1]

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل آيت سڳوري ۽ ان جي تفسير مان معلوم ٿيو تہ دُنيا دارُالامتحان (يعني آزمائش جو گھر) آهي، هتي ڪنهن کي نعمتن ۽ نوازشن جي ذريعي آزمايو پيو وڃي، تہ ڪنهن کي انهن شين کان محروم ڪري آزمائش ۾ وڌو پيو وڃي تہ نعمتون ملڻ تي ڪير ڪهڙي انداز ۾ شُڪر يا ناشُڪري ڪري ٿو ۽ نعمتون نہ ملڻ تي ڪير ڪهڙي طرح صبر يا بي صبري ڪري ٿو، تنهنڪري اسان کي کپي تہ هرحال ۾ صبر ۽ شُڪر سان ڪم وٺندي شرعي اَحڪامن تي عمل سان گڏوگڏ خُوش دِلي سان گھڻو ڪري صَدَقو ۽ خَيرات ڪيون ۽ پنهنجي آخرت جي لاءِ اَجر ۽ ثَوَاب جو ذِخيرو گڏ ڪرڻ ۾ مصروف رهون. قرآنِ ڪريم ۾ مختلف هنڌن تي صَدَقو ۽ خَيرات ڪرڻ جي ترغيب ۽ تاڪيد بيان ڪئي وئي آهي، جيئن تہ سيپاري 27 سورة الحديد جي آيت نمبر 10 ۾ ارشادِ خداوندي آهي:

وَمَا لَكُمْ أَلَّا تُنفِقُوا فِي سَبِيلِ اللَّهِ وَلِلَّهِ مِيرَاثُ السَّمَاوَاتِ وَالْأَرْضِ (پ۲۷،الحديد:۱۰)

**تَرْجمۂِ کنزالايمان:** ۽ توهان کي ڇا آهي جو الله جي راه ۾ خرچ نٿا ڪيو حالانڪ آسمانن ۽ زمين سڀ جو وارث الله ئي آهي.

”سڀ جو وارث الله عَزَّ وَجَلَّ ئي آهي“ ان جي وضاحت ڪندي صدرُ الافَاضِل حضرت علاّمہ مولاناسَيد مفتي محمد نعيمُ الدّين مُراد آبادي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه فرمائن

1...خزائن العرفان، پ۸، الانعام، تحت الآية:۱۶۵،ص۲۸۵

www.dawateislami.net

ٿا: توهان برباد ٿي ويندؤ ۽ مال ان جي مِلڪ ۾ رهجي ويندو ۽ توهان کي خرچ ڪرڻ جو ثواب بہ نہ ملندو ۽ جيڪڏهن توهان خُدا جي راهہ ۾ خرچ ڪيو تہ ثواب بہ ملندو.[1] اهڙي طرح هڪ ٻي هنڌ تي صَدَقي جي ترغيب ڏيندي فرمايو ويو:

لَنۡ تَنَالُوا الۡبِرَّ حَتّٰى تُنۡفِقُوۡا مِمَّا تُحِبُّوۡنَ ۬ؕ وَمَا تُنۡفِقُوۡا مِنۡ شَیۡءٍ فَاِنَّ اللّٰهَ بِهٖ عَلِیۡمٌ

(پ۴،اٰلِ عمران:۹۲)

**تَرجموڪنز الايمان:** اوهان ايستائين ڇڱائِيَ کي هرگِز نہ پهچندؤ جيستائين پنهنجِي پيارِي شيءِ خرچ نہ ڪندؤ ۽ اوهان جو ڪُجهہ خرچ ڪندؤ سو الله کي معلُوم آهي.

صدرُ الْاَفاضِل حضرت علّامہ مولاناسَيد مفتي محمد نعيمُ الدين مُراد آبادي عَلَيه رَحمَةُ اللهِالْهادِى هن آيت جي تفسير ۾ فرمائن ٿا تہ حضرت ابنِ عُمَر رَضِىَاللهُ تَعَالٰى عَنْهمَا فرمايو تہ هتي خَرچ ڪرڻ عام آهي، تمام صَدَقات جيڪي يعني واجِب هجن يا نفلي سيئي هن ۾ شامل آهن. حسن جو قول آهي تہ جيڪو مال مُسلمانن کي پسند هجي ۽ ان کي رضاءِ الٰهي جي لاءِ خَرچ ڪري، اهو هن آيت ۾ داخل آهي، چاهي هڪ کجور ئي هجي.

(حضرتِ سَيدُنا) عمر بن عبدُ العزيز (رَحمَةُ اللهِتَعَالٰى عَلَيه) شَڪر (کنڊ) جون ٻوريون خريدي صَدَقو ڪندا هئا، انهن کي چيو ويو: ان جي قيمت چو نٿا صَدَقو ڪيو؟ فرمايائون : شَڪر مون کي پسند ۽ وڻندڙ آهي، آئون اهو چاهيان ٿو تہ خدا جي راهہ ۾ پياري شيءَ خَرچ ڪيان.[2]

میں سب دولت رہِ حق میں لُٹا دُوں

شہا ایسا مجھے جذبہ عطا ہو

(وسائلِ بخشش مُرمّم،ص 316)

1...خزائن العرفان، پ۲۷، الحديد، تحت الآية:۱۰

2...تفسيرمدارک،اٰل عمران،تحت الآية:۹۲،ص۱۷۲

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان تہ پاڻ اللہ تعاليٰ اسان کي پنهنجو مَحْبُوب ترين مال پنهنجي راهہ ۾ خَرچ ڪرڻ جي ترغيب اِرشاد فرمائي رهيو آهي، تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ ڪنجُوسي ڪرڻ جي بدران، دل کولي صَدَقو ۽ خَيرات ڪيون. ظاهر آهي تہ اسان وٽ جيڪو ڪجهہ بہ آهي، اهو اللہ عَزَّوَجَلَّ جو ئي ڏنل آهي، تنهنڪري ان جي ڏنل مال مان ان جي رِضا جي لاءِ صَدَقو ۽ و خَيرات نہ ڪرڻ، اللہ عَزَّوَجَلَّ جي طرفان مِلڻ وارين نعمتن کان مَحرومي جو سبب بہ بڻجي سگهي ٿو.

حضرت اَسْماء بِنتِ ابوبڪر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهمَا کان روايت آهي، فرمائن ٿيون تہ مُحَمَّد رسولُ اللہ صَلَّى اللہ تَعَالٰی عَلَيه وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ مون کي فرمايو: هٿ نہ روڪيو، نہ تہ توهان کان بہ روڪيو ويندو.[1]

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! مال يقيناً اللہ عَزَّوَجَلَّ جي هڪ نهايت ئي عظيمُ الشان نعمت آهي، تنهنڪري جنهن کي اللہ تعاليٰ مال ۽ دولت جي نعمت کان سرفراز فرمايو آهي، ان کي کپي تہ اهو ان نعمت جي قدر ڪندي ان کي بِلا ضرورت گڏ ڪري نہ رکي ۽ نہ ئي فضول ڪمن ۾ ضائع ڪري، بلڪ پنهنجي ماءُ پيءُ، گهرواري، ٻارن ٻچن، ڀيڻن ڀائرن، رشتيدارن، غريبن، مِسڪينن ۽ محتاجن تي جائز طريقي سان خرچ ڪري صدقي ۽ خَيرات جا فائدا ۽ ثَمَرات حاصل ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪري، ڇو تہ جيڪو شخص مال کي اِخلاص سان نيڪي جي ڪمن ۾ خرچ ڪندو آهي، اُن جي دُنيا ۽ آخرت سنورجي ويندي آهي، اهڙو ٻانهو اللہ عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي مدني حبيب صَلَّى اللہ تَعَالٰی عَلَيه وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو محبوب ۽ آخرت جي ثواب جو حقدار ٿيندو آهي. قرآن شريف کان علاوه

1...بخاری،کتاب الزکوۃ،باب التحریض علی الصدقۃ،۴۸۳/۱،حدیث:۱۴۳۳

احاديثِ مُبارڪ ۾ بہ ڪيئي هنڌن تي صَدَقي ۽ خَيرات جون ترغيبون ۽ فضيلتون بيان ڪيون ويون آهن. اچو! ترغيب جي لاءِ هن باري ۾ 5 مبارڪ حديثون پڙهون ٿا:

1. رَبّ عَزَّوَجَلَّ فرمائي ٿو: اي ابنِ آدم! پنهنجي خزاني مان مون وٽ ڪجھ مال گڏ ڪري ڇڏ، نہ سڙندو، نہ ٻُڏندو، نہ چوري ٿيندو. مان اُن وقت تو کي پورو بدلو ڏيندس، جڏهن تون ان جو وڌيڪ ضرورت مند هوندين.[1]

2. بَاكِرُوْابِالصَّدَقَةِ فَاِنَّ الْبَلَآءَ لَا يَتَخَطَّى الصَّدَقَةَ يعني صبح جو آغاز صَدَقي سان ڪيو ، چو تہ مُصيبت صَدَقي جي سامهون قدم ناهي وڌائيندي.[2]

3. اِنَّ صَدَقَةَ الْمُسْلِمِ تَزِيْدُ فِى الْعُمْرِ وَتَمْنَعُ مِيْتَةَ السُّوْءِ وَيُذْهِبُ اللهُ الْكِبْرَ وَالْفَخْرَ يعني بيشڪ مسلمان جو صَدَقو عُمر کي وڌائي ٿو ۽ بُري مَوت کي پري ڪندو آهي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ (ان جي برڪت سان صَدَقو ڏيڻ واري سان) تَڪبُّر ۽ تَفَاخُر (وڏائي ۽ فخر ڪرڻ جي بُري عادت) کي پري ڪري ڇڏيندو آهي.[3]

4. اِنَّ الصَّدَقَةَ لَتُطْفِئُ عَنْ اَهْلِهَا حَرَّ الْقُبُوْرِ وَاِنَّمَا يَسْتَظِلُّ الْمُؤْمِنُ يَوْمَ الْقِيَامَةِ فِى ظِلِّ صَدَقَتِهٖ يعني بيشڪ صَدَقو ڪرڻ وارن کي صَدَقو قبر جي گرمي کان بچائيندو آهي ۽ بيشڪ مسلمان، قيامت جي ڏينهن پنهنجي صَدَقي جي ڇانو ۾ هوندو.[4]

5. اِنَّها حِجَابٌ مِّنَ النَّارِ لِمَنِ احْتَسَبَهَا يَبْتَغِى بِها وَجْهَ اللهِ، جيڪو الله عَزَّوَجَلَّ جي رِضا جي خاطِر صَدَقو ڪري، تہ اهو صَدَقو ان جي ۽ دوزخ جي وچ ۾ رُڪاوٽ بڻجي ويندو آهي.[5]

---

1...شعب الإيمان، باب في الزكاة، التحريض على صدقة التطوع، ٢١١/٣، حديث: ٣٣٤٢
2...شعب الايمان، باب الزكاة،التحريض على صدقة التطوع ، ٢١٤/٣،حديث:٣٣٥٣
3...مجمع الزوائد ،كتاب الزكاة، باب فضل الصدقہ، ٢٨٤/٣،حديث: ٤٦٠٩
4...شعب الايمان،باب الزكاة،التحريض على صدقة التطوع،٢١٢/٣، حديث: ٣٣٤٧
5...مجمع الزوائد،كتاب الزكاة، باب فضل الصدقة،٣/ ٢٨٦، حديث: ٤٦١٧

www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان ڏٺو تہ صَدَقو، مصيبت ۽ بَلا کي روڪيندو آهي، صَدَقو عمر کي وڌائيندو آهي، صَدَقو بُري موت کي پري ڪندو آهي، صَدَقو تڪبُّر کي پري ڪندو آهي، صَدَقو فخر کي پري ڪندو آهي، صَدَقو قبر جي گرمي ختم ڪندو آهي، صَدَقو قِيامت جي ڏينهن ڇانو ڏيندو، صَدَقو دوزخ جي عذاب کان بچائيندو.

دے نَزع و قبر و حشر میں ہر جا اَمان اور
دوزخ کی آگ سے بچا یا ربِّ مُصطفٰے

(وسائلِ بخشش مُرمّم ،ص132)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان جي اسلاف ۽ بُزرگ سڳورن ۾ صَدَقي ۽ خَيرات جو جذبو ايتري قدر گهڻو هو جو ڪڏهن ڪڏهن تہ اُهي مُبارڪ هستيون پنهنجي ضرورتن کي پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي ضرورت تي قُربان ڪري ڇڏينديون هيون. اچو ترغيب جي لاءِ هڪ عظيمُ الشان واقعو ٻڌون ٿا:

## بي مِثال تَوڪل ۽ لاجواب صَدَقو

اُمُّ المؤمنين، حضرتِ سَيِدَتُناعائشہ صِدّيقہ، طَيبَہ، طاهره رَضِیَاللهُ تَعَالٰی عَنْهَا کان روايت آهي تہ هڪ مسڪين اوهان کان سوال ڪيو جڏهن تہ پاڻ رَضِی الله تَعَالٰی عَنْهَا روزي سان هيون، ۽ گهر ۾ سِواءِ هڪ ماني جي ٻيو ڪجهہ نہ هو. پاڻ پنهنجي ٻانهيءَ کي فرمايائون: ان کي اها ماني ڏئي ڇڏيو، تہ ٻانهيءَ چيو: اوهان جي اِفطاري جي لاءِ هن کان علاوه ٻيو ڪجهہ ناهي، حضرت سيدَتُنا عائشہ صِدّيقہ رَضِی الله تَعَالٰی عَنْهَا فرمايو: هن کي اها ماني ڏئي ڇڏ، ٻانهيءَ چوي ٿي تہ مون اها ماني ان کي ڏئي ڇڏي، اڃا شام نہ ٿي جو اهلِ بيت يا ڪو ٻيو شَخص جيڪو

هديو ڏيندو هو پاڻ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْهَا کي هديي طور هڪ ٻڪري موڪلي، ڪٽي اچڻ وارو ان گوشت کي ڪپڙي ۾ ڍڪي ڪٽي آيو. پاڻ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْهَا مون کي سڏي فرمايائون: وٺ ان مان ڪجھ کاءِ اهو توهان جي ان ماني کان بهتر آهي.[1]

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اهو هو اللّٰه وارن جو طرزِ عمل جو جيڪو ڪجھ به هوندو اهو صَدَقو ڪري ڇڏيندا هئا اهو ئي سبب آهي جو اللّٰه عَزَّوَجَلَّ انهن جي صَدَقي جي ڪري انهن کي بهتر کان بهتر بدلو عطا فرمائي ٿو.جيئن ته

شيخِ طريقت، امير اهلسنت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علّامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطّار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه پنهنجي تصنيف "فيضانِ سُنّت" جي صفحي 513 تي هڪ واقعو نقل ڪن ٿا: پنهنجي دؤر جا ابدال حضرت سيّدُنا ابو جعفر بن خطاب عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ التَّوَّاب فرمائن ٿا، منهنجي دروازي تي هڪ سائل (يعني سواليءَ) صدا هنئي مون گھرواريءَ کان پُڇيو ته چا تو وٽ ڪجھ آهي؟ جواب مليو چار(4) بيضا (يعني آنا) آهن مون چيو: سوالي کي ڏئي ڇڏيو، انهن ڏيئي ڇڏيا. سائل بيضا وٺي هليو ويو، اجا ٿوري دير ئي گذري جو مون وٽ هڪ دوست بيضن سان ڀريل هڪ ٽوڪري موڪلي. مون گھران پُڇيو، هن ۾ ڪل ڪيترا بيضا آهن؟ انهن چيو: 30. مون چيو توهان ته فقير کي 4 بيضا ڏنا هئا، هي 30 ڪهڙي حساب سان آيا! چوڻ لڳيون ٿيھ بيضا صحيح آهن ۽ باقي 10 ڀڳل آهن، حضرت سيّدُنا شيخ علامہ يافعي يمني رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا، ڪجھ ماڻهو هن حڪايت جي متعلق بيان ڪن ٿا ته سائل کي جيڪي بيضا ڏنا ويا هئا انهن مان ٽي صحيح ۽ هڪ ڀڳل هيو. ربّ تعاليٰ هر هڪ جي بدلي ۾ ڏھ ڏھ

---

1...شُعَبُ الايمان، باب في الزكاة،فصلفيماجاءفيالايثار،٣/٢٦٠،حديث:٣٤٨٢

عطا فرمايا. صحيح جي بدلي صحيح ۽ ڀڳل جي بدلي ڀڳل.[1]

میں سب دولت رہِ حق میں لُٹا دُوں
شہا ایسا مجھے جذبہ عطا ہو

(وسائلِ بخشش،ص 316)

صَلُّوْاعَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ڪتاب”ضياءِ صَدَقات“ جو تعارُف

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! صَدَقي جي باري ۾ مفيد معلومات حاصل ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي اِشاعتي اِداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 415 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”ضياءِ صَدَقات“ جو مُطالعو نهايت فائديمند آهي. اهو ڪتاب 19 بابن تي مشتمل آهي، جنهن ۾ صَدَقي جي باري ۾ مختلف مَوضُوعن تي تفصيلي مواد موجود آهي، مثال طور صَدَقي جي معني ۽ قسم، فرض زڪوٰة جو بَيان، زڪوٰة ڪنهن کي ڏني وڃي، صله رحمي (رِشتي دارن سان حُسنِ سُلوڪ) جون فضيلتون، مال گڏ ڪرڻ ڪيئن آهي؟ بُخل جي مَذَمَّت وغيره وغيره، هن ڪتاب جي مُطالعي سان معلومات جو وڏو خزانو هٿ ايندو، تنهنڪري اڄ ئي هن ڪتاب کي مڪتبةُ المدينہ جي بستي تان هَديو ڏئي طَلَب ڪري پاڻ بہ هن جو مُطالعو ڪيو، ۽ ٻين اسلامي ڀائرن کي بہ هن جي ڀرپور ترغيب ڏياريو. ان ڪان علاوه اميرِ اهلسنت **دامت برڪاتهم العاليہ** جو رِسالو "مديني جي مڇي" ۽ مڪتبة المدينہ جو شايع ٿيل رِسالو "صدقي ڪا اِنعام" پڙهڻ بہ بيحد مُفيد ٿيندو. ان شاء الله عَزَّوَجَلَّ

دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان هن ڪتاب کي

1...روض الرياحين،الحكاية الخامسة والعشرون ...الخ،ص٢٧۴بتغير قليل

رِيڊ (يعني پڙهي) بہ سگهجي ٿو، ڊاؤن لوڊ (Download) ۽ پرنٽ آؤٽ (Print Out) بہ ڪري سگهجي ٿو.

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اسان جا اَسلاف ۽ بُزرگانِ دين نہ صرف پاڻ گهڻو صَدَقو ۽ خيرات ڪندا هئا، پر ٻين ماڻهن کي بہ هن نيڪي جي ڪم جي ترغيب ڏياريندي هئا، اچو هن باري ۾ 3 قول پڙهون ٿا:

## (1) هر حال ۾ صَدَقو ڪيو

اَمِيرُالمُؤمنين حضرت سيدُنا عَلِيّ الْمُرتضٰي، شيرِخُدا كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيم فرمائن ٿا: جيڪڏهن توهان وٽ دُنيا جي دولت اچي تہ ان مان ڪجھ خَرچ ڪيو ڇو تہ خَرچ ڪرڻ سان اها ختم ناهي ٿيندي ۽ جيڪڏهن دُنيا جي دولت توهان کان منهن ڦيرڻ لڳي تڏهن بہ ان مان ڪجھ خَرچ ڪيو ڇو تہ ان کي باقي ناهي رهڻو.(1)

مجھ کو دُنیا کی دولت نہ زَر چاہیے
شاہِ کوثر کی میٹھی نظر چاہیے

(وسائلِ بخشش مُرمّم، ص513)

## (2) سخاوت ڇا آهي؟

حضرت سيدُنا حسن بصري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه کان پڇيو ويو تہ سخاوت ڇا آهي؟ فرمايائون: الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ پنهنجو مال خُوب خَرچ ڪرڻ. پوءِ پڇيو: حَزم (اِحْتياط) ڇا آهي؟ فرمايائون: الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ مال روڪي رکڻ. پوءِ پڇيو ويو: اِسْراف ڇا آهي؟ فرمايائون: اِقْتِدار جي چاهت ۾ مال خَرچ ڪرڻ.(2)

---

1...احياء العلوم،٣/٧٣٨

2...احياء العلوم،٣/٧٣٩

www.dawateislami.net

## (3) جُود وكَرَم ايمان مان آهي

حضرت سيدُنا حُذَيفہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه فرمائن ٿا: دِين جا گُناهگار ۽ زندگي ۾ لاچار ۽ بدحال گهڻا ئي ماڻهو صرف پنهنجي سخاوت جي سبب جنّت ۾ داخِل ٿي ويندا.[1]

بِلا حساب ہو جنّت میں داخلہ یا ربّ
پڑوس خُلد میں سَروَر کا ہو عطا یا ربّ

(وسائلِ بخشش مُرمّم،ص82)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڪجھ ماڻهو محتاجي جو بهانو بڻائي صَدَقي ۽ خَيرات جي معاملي ۾ سُستي ۽ بُخل ڪندا آهن ۽ حال پڇڻ تي شڪوا شڪايات جا انبار لڳائي ڇڏيندا آهن. ياد رکو! صَدَقي ۽ خَيرات ڪرڻ سان نہ تہ مال ۾ ڪا گهٽتائي ٿيندي آهي ۽ نہ ئي راهِ خدا ۾ مال ڏيڻ جي لاءِ امير ۽ اعليٰ هئڻ شرط آهي جيئن تہ سرڪارِ ابدِ قرار، شفيعِ روزِ شمار صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ دلنشين آهي: مَا نَقَصَ مَالٌ مِنْ صَدَقَةٍ يعني صَدَقو ڏيڻ سان مال گهٽ ناهي ٿيندو.[2] هڪ ٻي هنڌ تي ارشاد فرمايائون: فَاتَّقُوا النَّارَ وَلَوْ بِشِقِّ تَمْرَةٍ يعني باهہ کان بچو، جيتوڻيڪ ڪجور جي هڪ ٽُڪري جي ذريعي.[3]

هن حديث شريف ۾ انهن ماڻهن جي لاءِ دلاسو آهي، جيڪي مَعاشي پريشانين ۾ مبُتلا هئڻ جي باوجود صَدَقو ۽ خَيرات تہ ڪندا آهن پر معمولي شيون صَدَقو ڪرڻ جي ڪري دل ننڍي ڪندا آهن حالانڪ صَدَقو چاهي گهٽ

---

1...احياء العلوم،۳/۷۴۰

2...معجم اوسط،من اسمہ احمد،حديث:۲۲۷۰، ۱/۶۱۹

3...بخاری، كتاب الرقاق،باب من نوقش الحساب عذب،۴/ ۲۵۷،حديث:۶۵۴۰

www.dawateislami.net

هجي يا وڏيڪ، جيڪڏهن حلال مال مان اِخلاص سان ڏنو وڃي تہ يقيناً ثواب جي لحاظ کان نهايت ئي بهترين آهي جيئن تہ اعليٰ حضرت اِمام احمد رضا خان رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه جا والدِ گرامي حضرت مولانا مُفتي نَقي علي خان رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه ارشاد فرمائن ٿا: صَدَقو ڏيڻ ۾ ٿوري شيء کي بہ حقير نہ سمجهو، جيتوڻيڪ وڏيڪ جي استطاعت بہ هجي، هٿ پهچندو آهي (يعني انسان صَدَقو ڏيڻ جو اِرادو ڪندو آهي) پر شيطان روڪيندو آهي، نفس رڪاوٽ وجهندو آهي، هڪ شيطان چا ستّر (70) شيطان صَدَقي کان پري رکندا آهن.

حديث شريف ۾ ارشاد آهي: انسان پنهنجو صَدَقو ستّر (70) شيطانن جي ڄاڙي چيري ڪري ڪيندو آهي.[1] تہ اهڙي حالت ۾ ٿورو ئي ڏي ۽ ان کي حقير سمجهي بالڪل لَا تَعَلُّق نہ ٿئي، ڇو تہ ٿوري شيء کان بہ محتاج جي ضرورت ڪنهن حد تائين پوري ٿيندي ۽ بُخل جي جَڙ دل تي ڄمڻ ۾ ڪجهہ تہ گهٽتائي ايندي.[2]

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! يقيناً هيءَ دُنيا فاني آهي ۽ ان سان دل لڳائڻ تمام وڏي ناداني آهي، ڇو تہ اسان مان هر ڪنهن کي هڪ نہ هڪ ڏينهن مَوت اچڻو آهي، تنهنڪري عقلمندي جو تقاضو هي آهي تہ انسان اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ۽ اُن جي مدني حبيب صَلَّى الله تَعَالٰی عَلَيه وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ٻڌايل ڪمن ۾ لڳي وڃي، عبادتِ الٰهي جي ڪثرت ڪري، سنّتن پري زندگي گُذاري، ضرورت مطابق حلال روزي ڪمائي، مال سان هرگز دل نہ لڳائي، حرام مال حرام ڪمائڻ کان بالڪل بچي ۽ هميشہ صرف ۽ صرف حلال ئي ڪمائي ۽ هن حلال مال کي بہ پنهنجي جائز حاجتن ۽ ضرورتن ۾ خرچ ڪندو رهي ۽ انهيءَ حلال مال مان راهِ خدا ۾

---

1...مجمع الزوائد، كتاب الزكاة، باب ارغام الشيطان بالصدقة، ۲۸۲/۳،حديث: ۴۶۰۱

2...فضائلِ دُعا،ص۲۷۶بتغيرقليل

www.dawateislami.net

خُوب خُوب صَدَقو ۽ خَيرات ڪري غريبن، مسڪينن، حاجت مندن، پنهنجي قريبي رشتيدارن ۽ ديني شاگردن جو سهارو بڻجي، انهن جي ڏُک درد کي پنهنجو ڏُک دَرد سمجهي ۽ اُنهن جون دعائون وٺڻ جي ڪوشش ڪري. پر افسوس! اڄڪلهه صَدَقي ۽ خَيرات جي ذريعي غريبن جي مَدَد ڪرڻ ۽ نيڪي جي ڪمن ۾ مال خرچ ڪرڻ جي بدران فضول ۽ غير ضروري ڪمن جي لاءِ تہ پنهنجي خزاني جا مُنهن تہ کوليا ويندا آهن، پر هن ڳالهه جي طرف ڪو ڌيان نہ ڏنو ويندو آهي تہ اسان جي چوڌاري مُعاشري جا ڏڪاريل ڪيئي اهڙا ماڻهو بہ موجود آهن، جنهن وٽ نہ تہ مٿو ڍڪڻ جي لاءِ مُناسب جڳهه آهي، نہ تَن تي پائڻ جي لاءِ سنو لباس آهي ۽ نہ ئي پيٽ جي باهہ وسائڻ جي لاءِ ضرورت مطابق ماني. تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ پنهنجي جائز خُوشين سان گڏوگڏ وس آهر اهڙن سفيد پوش ماڻهن جي ضرورتن جو بہ خيال رکون ۽ انهن سان همدردي پريو سُلوڪ ڪيون.

نُور جا پيڪر، سيني نبين جا سرور صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيہ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ فرمائن ٿا: هڪ گرهہ ماني، هڪ مُٺ کجور يا ان کان علاوه ڪا بي شيءِ جنهن سان مسڪين کي فائده پهچي. ان جي ڪري اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ ٽن (3) ماڻهن کي جنّت ۾ داخل فرمائيندو آهي. (1) صاحبِ خانہ جنهن حڪم ڏنو (2) گهرواري جيڪا ان کي تيار ڪندي آهي (3) خادم جيڪو مسڪين کي ڏئي ايندو آهي. پوءِ رحمتِ ڪونين، ناناءِ حسنين صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيہ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ فرمايو: حمد آهي اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ جنهن اسان جي خادمن کي بہ نہ ڇڏيو (يعني انهن کي بہ خير جي ڪم ۾ پنهنجي قُدرت جي مُطابق حصّو ملائڻ ۽ صَدَقو غريب تائين پهچائڻ جي ڪري جنّت ۾ داخل فرمائي ڇڏيندو آهي).[1]

---

1...معجم اوسط،من اسمہ محمد،باب الميم،۴/ ۸۹،حديث: ۵۳۰۹

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڪيئي ڀيرا ائين به ٿيندو آهي جو عام غريبن جي ته اسان خُوب مَدَد ڪندا آهيون ۽ نيڪ ڪمن ۾ به مالي طور تي وڏ ڪان وڏ حصو وٺندا آهيون، پر چراغ تلي انڌيرا جي مطابق پنهنجن ئي ضرورت مند رشتيدارن ڪي وساري ڇڏيندا آهيون،تنهنڪري انهن ڪي به ياد رکيو وڃي ۽ اُنهن جي خُود داري ڪي تڪليف پهچائڻ بدران نهايت اَحسن انداز ۾ انهن جي مَدَد ڪئي وڃي بلڪ پهريان انهن ڪي ترجيح ڏني وڃي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته ٿي مختلف مدني ڪمن ۾ عملي طور شامل ٿيڻ گهرجي، اَلْحَمْدُلِلّٰہ عَزَّ وَجَلَّ! اڄ جي هن پُرفِتَن دَور ۾ تبليغِ قرآن و سُنّت جي عالمگير غيرسياسي تحريڪ، دعوتِ اسلامي اسان ڪي سُنّتن ڀريو پاڪيزه ماحول مُهيا ڪري رهي آهي. هن مدني ماحول سان وابسته ٿي خبر ناهي ڪيترن ئي گُناهگارن ڪي الله عَزَّ وَجَلَّ جي فضل ۽ ڪرم سان تَوبهہ جي تَوفيق ملي ۽ هاڻي اُهي صلوٰة و سُنّت جا پابند ٿي هڪ باعمل ۽ باڪردار مُسَلمان جي حَيثِيت سان زندگي گذاري رهيا آهن. اچو! دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته ٿي پنهنجي پاڻ ڪي مدني ڪمن ۾ مشغول رکي نيڪين جو ذخيرو گڏ ڪرڻ واري هڪ عاشقِ رسول جي مدني بهار ٻڌون ٿا:

## عاشقانِ رسول جي صحبت جا مان جا بڻائي ڇڏيو

لائنزايريا، بابُ المدينہ (ڪراچي) جي هڪ نوجوان اسلامي ڀاءُ جو ڪجھ هن طرح بيان آهي ته پهريان مان به هڪ عام مادرن ۽ بي نمازي ڇوڪرو هئس، زندگي جا ڏينهن ۽ راتيون غفلتن ۽ گناهن ۾ گذري رهيا هئا. رَمَضانُ المبارَڪ 1423ھ ۾ هڪ اسلامي ڀاءُ مون تي انفرادي ڪوشش ڪندي اسان جي

ئي علائقي جي فيضانِ رضا مسجِد (لائنز ايريا) ۾ ٿيڻ واري سنّتن ڀري اِجتِماعي اِعتِڪاف ۾ ويهڻ جي ترغيب ڏياري، مون هاڪار ڪئي ۽ گھر وارن کان اجازت وٺي رَمَضانُ المبارَڪ جي آخِري عشري ۾ مُعتَڪف ٿي ويس. اِعتڪاف ۾ عاشِقانِ رسول جي صحبتن جي برڪتن کان خوب مالا مال ٿيس ۽ اِعتِڪاف ۾ سڄي زندگي جي لاءِ پنج وقتو نمازي بڻجڻ جو پختو عزم ڪيو، ٻين گناهن سان گڏوگڏ ڏاڙهي ڪٽائڻ کان بہ توبہ ڪئي. هٿوهٿ عمامو شريف بہ سجائي ورتو ۽ سنّت جي مطابِق مَدَني لباس جي بہ نيت ڪئي. عيد جي ٻي ڏينهن عاشِقانِ رسول سان گڏ 3 ڏينهن جي مَدَني قافِلي ۾ سنّتن ڀريو سفر ڪيو ۽ هن مبارڪ سفر جي بَرَڪت سان مان تبليغ قرآن ۽ سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جو ٿي ويس، الله عَزَّ وَجَلَّ ڪري جو مرڻ گھڙيءَ تائين دعوتِ اسلامي جو مَدَني ماحول مون کان جدا نہ ٿئي. هاڻي مان فيشن ايبل ماڊرن ڇوڪرو نہ رهيس، اعتِڪاف ۽ هٿو هٿ مَدَني قافِلي جي سفر جي دوران عاشقانِ رسول جي قُرب اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مون کي ڇا مان ڇا بڻائي ڇڏيو. مون تي الله عَزَّوَجَلَّ جو وڏو ڪرم آهي جو مان هي بيان ڏيڻ وقت پنهنجي علائقي ۾ مَدَني انعامات جي ذمّيدار جي حيثيت سان سنّتن جي خدمت ڪري رهيو آهيان.

فضلِ ربّ سے گناہوں کی عادت چُھٹے — مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف
نیکیوں کا تمھیں خوب جذبہ ملے — مَدَنی ماحول میں کرلو تم اعتکاف

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

نبي ڪريم،رؤفٌ رّحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم رشتيدارن تي صدقو ڪرڻ جي ترغيب ۽ اهميت بيان ڪندي ارشاد فرمايو: اِنَّ الصَّدَقَةَ عَلٰى ذِى قَرَابَةٍ يُضَعَّفُ اَجْرُهَا مَرَّتَيْنِ يعني

بيشڪ اهلِ قرابت تي صَدَقي ڪرڻ جو ثواب ٻيڻو ڪري ڏنو ويندو آهي.[1]

اچو! ترغيب خاطر صَدَقي ۽ خَيرات ڪرڻ جي برڪتن تي مشتمل 2 ايمان افروز حڪايتون ٻڌون ۽ ان مان نصيحت جا مدني گل حاصل ڪيون ٿا:

## هڪ مانيءَ جو ثواب

حضرت سَيدُنا عبدُ الله بن مسعود رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُمَا کان منقول آهي: عبدُالله نالي هڪ راهب 60 سالن تائين عبادت ۾ مشغول رهيو. پوءِ هڪ عورت جي فتني ۾ مبتلا ٿي 6 راتيون گُناهن ۾ مبُتَلا رهيو، پوءِ ان کي پنهنجي گُناهه تي شرمساري ٿي ته پڇندو مسجد ڏانهن آيو، اتي ٽن (3) بکايلن کي ڏٺائين ته هڪ ماني انهن تي صَدَقو ڪئي ۽ ان جو اِنتقال ٿي ويو. جڏهن ان جي عملن جو وزن ٿيو ته هڪ پلڙي ۾ 60 سالن جي عبادت ۽ ٻي پلڙي ۾ 6 ڏينهن جا گُناهه رکيا ويا ته گُناهه، عبادت تي غالب ٿي ويا، پر جڏهن صَدَقو ڪيل ماني رکي وئي ته اها انهن گُناهن تي غالب اچي وئي.[2]

یاخدا! رحمت تِری حاوی ہے تیرے قہر پر
فضل ورحمت کے سہارے .جی رہا بدکار ہے

(وسائلِ بخشش مُرمّم، ص478)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## صَدَقي جي مانيءَ ازدهه نانگ کان بچائي ورتو

دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اِداري مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل 413 صفحن تي مشتمل ڪتاب"عيونُ الحكايات (حصّو 2)"صفحي 197 تي آهي ته حضرتِ سيدُنا سالم ابو جَعَد رَحمَۃُ اللّٰہ ِتَعَالٰی عَلَیہ کان منقول آهي:حضرت سيدُنا صالح

---

1...معجم کبیر،۸/۲۰۶،حدیث:۷۸۳۴

2...شعب الایمان،باب فی الزکاۃ،فصل ما جاء فی الایثار ،۳/۲۶۲،حدیث:۳۴۸۸ملتقطاًوبتغیر قلیل

www.dawateislami.net

عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جي قوم جو هڪ ويڙهاڪ شخص ماڻهن کي گهڻو تنگ ڪندو هو. جڏهن ماڻهو ان جي تڪليفن سبب وڏيڪ تنگ ٿيا ته حضرت سيدُنا صالح عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام کي عرض ڪيائون: حُضور! هن شخص جي لاءِ بد دُعا ڪيو، اسان ان کان گهڻو تنگ اچي چڪا آهيون، پاڻ عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام فرمايو: وڃو! اِنْ شَآءَ اللہ عَزَّ وَجَلَّ! توهان کي ان جي شَر مان ڇوٽڪارو ملي ويندو. ماڻهو واپس هليا ويا، اهو شخص روزانو جهنگ مان ڪاٺيون ڪري ايندو هو ۽ اُنهن کي وڪڻي پنهنجو ۽ پنهنجي گهر وارن جي گُذر بَسَر جو اِنتظام ڪندو هو. معمول مطابق ان ڏينهن به اهو جهنگ ويو ان وٽ ٻه مانيون هيون، هڪ پاڻ کاڌي ۽ ٻي صَدَقو ڪيائين، پوءِ وري ڪاٺيون ڪري صحيح سلامت واپس گهر موٽي آيو . ماڻهن جڏهن ان کي صحيح سلامت ايندو ڏٺو ته حضرت سيدُنا صالح عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جي خدمت ۾ عرض ڪيائون: حضور! اهو شخص صحيح سلامت آهي، اڃا تائين ان تي ڪنهن قسم جي ڪا به مصيبت نازل ناهي ٿي. پاڻ عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام ان شخص کي سڏائي فرمايائون: اي نوجوان! اڄ تو ڪهڙو نيڪ ڪم ڪيو آهي؟ چيائين: اڄ معمول مطابق جڏهن مان جهنگ ڏانهن ويس ته مون وٽ ٻه (2) مانيون هيون، هڪ مون کاڌي ۽ ٻي صَدَقو ڪئي، ان کان سواءِ ته ڪو ٻيو نيڪ ڪم مون کي ياد ناهي. پاڻ عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام فرمايو: ڪاٺين جي ڀري کول! جڏهن ڀري کولي وئي ته ان ۾ کجور جي ٿُڙ جيترو ٿلهو نهايت ئي زهريلو ڪارو ازدهو (يعني وڏو نانگ) موجود هو. حضرت سَيدُنا صالح عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام ارشاد فرمايو: اي شخص! تو کي هن خطرناڪ زهريلي ازدهي کان تنهنجي صَدَقو ڪيل هڪ مانيءَ بچائي ورتو.[1]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هنن واقعن کي ٻڌي ڪري ممڪن آهي ته ڪنهن

---

1...عيون الحكايات،حصه دوم،ص ١٩٧بتغير قليل

جي ذهن ۾ هي شيطاني وسوسو اچي تہ **”هاڻي تہ مسلمانن جي دل آزاري ڪرڻ جي آزادي ملي وئي آهي، جيڪو چاهيو ڪندا رهون، صَدَقي سان سيئي گناه معاف ٿي ويندا“**، يقيناً اهو شيطان جو تمام وڏو وار آهي، ڇوتہ جيڪڏهن هنن گُناهن جي اِرتِڪاب جي کُلي ڇوٽ ڏني وڃي تہ مُعاشري ۾ڪنهن جو مال سَلامت نہ رهندو ۽ نہ ئي عزّت! بلڪ اسان جو مُعاشَره ”جانورن جي جهنگل“ جو منظر پيش ڪرڻ لڳندو، تنهنڪري جيڪڏهن ڪو شخص ڪنهن مسلمان کي تڪليف ڏني ۽ پوءِ صَدَقو ڏئي پاڻ کي ائين سمجهي تہ هاڻي مان بخشي ويس تہ يقيناً اها وڏي درجي جي بيباڪي آهي. اهڙن کي اللهعَزَّ وَجَلَّ جي خُفيہ تدبير کان ڊڄڻ گهرجي، ڇو تہ احاديثِ مُبارڪ ۾ مسلمانن جي دل آزاري جي باري ۾ شديد وعيدون بيان ڪيون ويون آهن.

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** شيخ طريقت، امير اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي تصنيف ”**غيبت جون تباه ڪاريون**“ صفحي 444 تي لکن ٿا تہ بيشڪ مسلمان جي تَحقير (يعني ان کي حقير سمجهڻ) يا ان جو مذاق اڏائڻ ۽ دل ڏکائڻ، حرام ۽ جهنَّم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي.

بَحروبَر جي بادشاهہ، ٻنهي عالم جي شَهنشاهہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عبرت نشان آهي: مَنْ اٰذٰى مُسْلِمًا فَقَدْاٰذَانِيْ وَمَنْ اٰذَانِيْ فَقَدْاٰذَاللهَ يعني جنهن ڪنهن مسلمان کي اِيذاءُ ڏنو، ان مون کي اِيذاءُ ڏنو ۽ جنهن مون کي اِيذاءُ ڏنو، ان اللهَ عَزَّوَجَلَّ کي اِيذاء ڏنو.[1]

بهرحال اهو سڀ اللهَ عَزَّ وَجَلَّ جي مَشِيّت تي آهي تہ جيڪڏهن اهو چاهي تہ ڪنهن هڪ گُناهہ تي پڪڙ ڪري وٺي ۽ چاهي تہ ڪنهن هڪ نيڪي تي يا صرف پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان ائين ئي مغفرت ۽ بخشش جو پروانو عطا

1...معجم اوسط،باب السين،من اسمه سعيد،٢/٣٨٧،حديث:٣٦٠٧

www.dawateislami.net

فرمائي ڇڏي. اسان کي تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت مان اُمّيد رکڻ سان گڏوگڏ ان جي خُفيہ تدبير کان بہ هر گهڙي ڊڄندي عافيت جو سوال ڪرڻ گهرجي ۽ پنهنجي نيڪي ۽ صَدَقي يا آئنده توبہ ڪرڻ جي ڀروسي تي گُناهن جو سلسلو جاري رکڻ کان پاسو ڪرڻ گهرجي.

مُفَسّرِ شهير حڪيمُ الْاُمَّت حضرتِ مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيہ نورُالعرفان صَفحَي 376 تي سوره يوسُف جي آيت نمبر 9 جي تَحت فرمائن ٿا: توبہ جي اِرادي سان گُناهہ ڪرڻ ڪفر آهي. هڪ هنڌ تي ڪجهہ وڌيڪ وضاحت ڪندي فرمائن ٿا: توبہ جي اِرادي سان گُناهہ ڪرڻ ڪفر آهي جو ڀلا گُناهہ ۾ حرج ئي ڇا آهي؟ سڀاڻي توبہ ڪري وٺنداسين، اها توبہ ناهي بلڪ شريعت جو مذاق اڏائڻ آهي ۽ خدا تعاليٰ تي اَمن (يعني ان کان بي خوف ٿيڻ آهي ۽ ) اهي ٻئي ڳالهيون ڪفر آهن.[1]

حضرت شيخ ابنِ عَبّاد شاذلي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيہ کان منقول آهي: اهلِ معرفت چون ٿا تہ اها ڪوڙي اُمّيد جيڪا ماڻهو کي مغرور ۽ عمل کان غافل ڪري، گُناهن تي دَلِير بڻائي، حقيقت ۾ اُمّيد ئي ناهي، بلڪ شيطان جي طرفان ڌوڪو ۽ فريب آهي. اهڙي طرح حضرت سَيدُنا معروف ڪرخي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيہ فرمايو: الله عَزَّوَجَلَّ جي اَحڪام جي نافرماني ڪندي رحمت جي اُمّيد رکڻ جهالت ۽ بيوقوفي آهي.[2]

آہ! طُغیانیاں گناہوں کی پار نیّا مِری لگا یارب
نفس و شیطان ہوگئے غالب اِن کے چُنگل سے تُو چُھڑا یارب

(وسائلِ بخشش مُرمّم، ص79)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

---

1...مرآة المناجيح،٣/٣٦٠

2...اشعة اللمعات،كتاب الرقاق،باب استحباب المال والعمرللطاعة،الفصل الثانى،٢٥٢/٤-٢٥١

www.dawateislami.net

## مَجلسِ عُشرءِ اطراف ڳاؤن

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بدقسمتي سان اڄڪلهه علمِ دين کان دُوري ۽ دُنيا داريءَ آبادڪار مسلمانن کي عُشر ۽ زڪوٰة جهڙي عظيم عِبادَت جي ادائيگي کان پري ڪري رکيو آهي، ان ڪري مُسلمانن جي خير خواهي ۽ عُشْر جي اَهَمّيت جي پيشِ نظر مُسلمانن ۾ هن عظيم مالي عِبادَت کي اَدا ڪرڻ جو شعور بيدار ڪرڻ ۽ اُنهن کي اَدائگي نہ ڪرڻ جي گُناهه کان بچائڻ جي لاءِ تبليغِ قرآن و سُنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جي تحت ”مجلسِ عُشْرو اطراف ڳاؤن“ جو قِيام عمل ۾ آندو ويو آهي.عُشْر درحقيقت زمين جي زڪوٰة آهي. زمين ۾ جيڪي فَصل وغيره ٿين ٿا، ان جو ڏهون (1/10) حِصّو ۽ ڪڏهن ويهون (1/20) حصّو پيداوار جي زڪوٰة فرض ٿيندي آهي، تنهنڪري عُشْر جي ڏينهن ۾ هفتيوار ۽ ٻين سُنّتن ڀري اجتماعن ۾ راهه خدا ۾ خَرچ ڪرڻ جا فضائل بيان ڪري دعوتِ اسلامي کي عُشْر ڏيڻ ۽ گڏ ڪرڻ جي ترغيب ڏياري ويندي آهي.

هن شعبي جا ذِمہ دار، عُشر جي وصولي جي لاءِ ڪڏهن جڏهن هارين، زميندارن، باغن جي مالڪن وغيره سان اِنفرادي ڪوشش جي ذريعي رابطو ڪندا رهندا آهن، "ڪسان اجتماعات" جو بہ اِنعقاد ڪيو ويندو آهي، رِسالو "عُشر جا احڪام" تقسيم ڪري عُشر ڏيڻ جو ذهن ڏنو ويندو آهي.

خاص ڪري زميندارن کي گهرجي تہ عشر جي باري ۾ معلومات جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 48 صفحن تي مشتمل رسالي "عُشر جا اَحڪام" ۽ "چندو ڪرڻ جا شرعي اِحتياط" جو لازمي مُطالَعو ڪن ۽ شريعت جي مُطابق پنهنجي فصل جي زڪوٰة ڪڍڻ جي باري ۾ دارُ الافتاء اهلسنت کان ضرور رهنمائي حاصل ڪن.

اللہ کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں　　اے دعوتِ اسلامی تری دُھوم مچی ہو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب!　　صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم ”يوم تعطيل اعتڪاف“

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! نيڪيون ڪرڻ، گُناهن کان بچڻ، صَدَقي ۽ خَيرات جو جذبو دل ۾ پيدا ڪرڻ، دُنيا ۽ آخرت ۾ ڪاميابي حاصل ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان هردم وابسته رهو ۽ نيڪين تي اِستقامت جي لاءِ ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن ۾ وڌ کان وڌ حِصّو وٺو.

ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم ”يومِ تَعْطِيل اِعْتِڪاف“ به آهي، تنهنڪري تمام اسلامي ڀائرن سان عرض آهي ته ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ يومِ تَعْطِيل اِعْتِڪاف جي ترڪيب ٺاهيو.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! مَسجِد ۾ رب جي رضا حاصل ڪرڻ جي خاطِر ويهڻ به هڪ عظيم عِبادَت آهي، جنهن کي اِعْتِڪاف چئبو آهي. ڳوٺن ۽ علائقن کان عِلاوه شهر جي نَوَنْ ۽ ڪمزور علائقن ۾ ماڻهن کي دَعوت اِسلَامي جي مَدَني مَاحَول سان وَابَسته ڪرڻ جي لاءِ جُمُعَي يا اِتوار جي ڏينهن بعدِ فَجر کان نمازِ جُمُعَه يا مَوقعي جي مناسبت سان عَصر کان مَغرِب اِعتِڪاف جي ترڪيب ٺائي ويندي آهي.

❁علائقن مان جيڪي اسلامي ڀاءِ اطراف/ ڳوٺ ۾ يومِ تعطيل اِعتِڪاف جي لاءِ ويندا آهن، انهن سان گڏ جامعة المدينه جا شاگرد سڳورا به شرڪت جي سعادت حاصل ڪن ته مدينه مدينه ❁ جامعةُ المدينه مان جيڪي شاگرد نَمازِ فَجر جي بعد ڪنهن ڳوٺ ۾ وڃن، ته انهن سان گڏ ڪنهن اُستاذ صَاحب جي به ترڪيب هئڻ گهرجي ❁ اڳ ۾ سُنّتون ۽ دُعائون سکڻ جا حلقا لڳايا وڃن ❁

نَمازِ جُمُعَہ کان پهريان علاقائي دورو براءِ نيڪي جي دعوت جي ترڪيب ٿئي

❁ نَمازِ جُمُعَہ کان پوءِ مَقامي ماڻهن جي وچ ۾ مَدَني حلقو ۽ بعدِ عَصر بيان جي بعد واپسي جي ترڪيب ٿئي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مِٺا مِٺا اسلامي ڀائرو! جڏهن بہ صَدَقات ۽ خَيرات جو ذڪر ٿيندو آهي ، ان جي فضيلت بيان ڪئي ويندي آهي تہ عموماً اسان جي ذهن ۾ فوراً اهو تَاثُّر قائم ٿي ويندو آهي تہ اِن مان مراد اُهي صَدَقات آهن جنهن جو تعلق مال سان هوندو آهي ۽ اهي فضيلتون بہ انهيءَ صَدَقي سان خاص آهن، حالانڪ نبي ڪريم، رؤفٌ رَّحيم صَلَّی اللّٰه تَعَالٰی عَلَیه وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ اهڙي صَدَقن جو بہ ذِڪر ڪيو آهي جو جن ۾ مال ۽ دولت خرچ ڪرڻ بغير بہ صَدَقي جا فضائل حاصل ڪري سگهجن ٿا، اهڙي طرح ڪجهہ صَدَقات اهڙا بہ آهن جن جو شمار وڏيڪ فضيلت وارن صَدَقات ۾ ٿيندو آهي. انهن افضل صَدَقن ۾ مالي صَدَقا بہ شامل آهن ۽ اهي بہ جن ۾ مال خرچ نٿو ڪرڻو پوي، اچو پهريان ان صَدَقن جي باري ۾ ٻڌون ٿا ،جن ۾ مال خرچ نٿو ڪرڻو پوي:

## بنا مال خرچ ڪرڻ جي صَدَقو

پنهنجي ڀاءُ جي لاءِ مسڪرائڻ صَدَقو آهي.نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۽ بُرائي کان روڪڻ صَدَقو آهي. راهہ ڀٽڪڻ واري جي رهنمائي ڪرڻ صَدَقو آهي. ڪمزور نگاهہ واري (يا نابين) جي مَدَد ڪرڻ صَدَقو آهي. رستي تان پٿر، ڪنڊو يا هڏي هٽائڻ صَدَقو آهي. پنهنجي ڏول سان پنهنجي ڀاء جي ڏول ۾ پاڻي وجهڻ صَدَقو آهي[1] قرض ڏيڻ صَدَقو آهي.[2]شر ڦهلائڻ کان پاسو ڪرڻ صَدَقو

---

1...ترمذی،کتاب البر والصلة،باب ما جاء فی صنائع المعروف،۳۸۴/۳،حدیث:۱۹۶۳ماخوذاً

2...شعب الایمان،باب فی الزکاة،فصل فی القرض،۲۸۴/۳، حدیث:۳۵۶۳ ماخوذاً

www.dawateislami.net

آهي.[1] ٻن ماڻهن جي وچ ۾ انصاف ڪرڻ، جانور تي سوار ٿيڻ يا سامان ڪڻڻ ۾ ڪنهن جي مَدَد ڪرڻ، چڱي ڳالهه ڪرڻ، نماز جي ادائگي جي لاءِ هلڻ ۽ راهه مان تڪليف ڏيندڙ شيءِ کي پري ڪرڻ صَدَقو آهي.[2] وڻ لڳائڻ يا فصل پوکڻ جنهن مان ڪو ماڻهو يا جانور کائي اهو بہ صَدَقو آهي.[3]

اچو! هاڻي اُنهن صَدَقات جي باري ۾ پڙهون ٿا، جنهن کي رسولُ اللّٰه صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيه وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ني افضل صَدَقو ارشاد فرمايو آهي، يعني جيڪڏهن ڪو مسلمان ان صَدَقات کي اَدا ڪري وٺندو، تہ اِنْ شَآءَاللّٰهعَزَّ وَجَلَّ اُن کي افضل صَدَقي جو ثواب حاصل ٿي ويندو اُن مان ڪجهه پيشِ خدمت آهن:

## افضل صَدَقات

تنگدست جو وس آهر صَدَقو ڏيڻ[4] تندرستي جي حالت ۾ صَدَقو ڪرڻ، مال جي حرص جي باوجود صَدَقو ڪرڻ ۽ پنهنجي محتاجي جو خوف هئڻ باوجود صَدَقو ڪرڻ افضل ترين صَدَقات مان آهي[5] اهڙي طرح ڪنهن مسلمان جو علمِ دين سکڻ، پوءِ پنهنجي اسلامي ڀاءُ کي سکائڻ.[6] بکايل کي پيٽ ڀري کاڌو کارائڻ[7] رمضان ۾ صَدَقو ڪرڻ.[8] ڪينو رکڻ واري رشتيدار کي صَدَقو صَدَقو ڏيڻ.[9] رُٺل مسلمانن ۾ صلح ڪرائڻ[10] جائز سفارش ڪري ڪنهن قيدي قيدي کي رهائي ڏيارڻ، ڪنهن جو رت ڪِرڻ کان بچائڻ، پنهنجي مسلمان ڀاءُ

---

1...بخارى، كتاب الأدب،باب كل معروف صدقة،حديث:٦٠٢٢،١٠٥/٤ماخوذاً

2...مسلم، كتاب الزكاة، باب بيان أن اسم الصدقة يقع... الخ،حديث: ١٠٠٩،ص٥٠٤ماخوذاً

3...مسلم، كتاب المساقاة والمزارعة، باب فضل الغرس والزرع،حديث: ١٥٥٣، ص٨٤٠

4...ابو داود، كتاب الزكاة،باب فى الرخصة فى ذالک،رقم:١٦٧٧، ١٧٩/٢ملتقطاً

5...بخارى،كتاب الوصايا،باب صد قة عند الموت،٢٣٤/٢،حديث:٢٧٤٨ ماخوذاً

6...ابن ماجہ،كتاب السنة،با ب:ثواب معلم الناس بالخير،رقم:٢٤٣، ١٥٨/١ماخوذاً

7...شعب الايمان،باب فى الزكاة، فصل فى اطعام الطعام ...الخ، ٢١٧/٣،حديث:٣٣٦٧ماخوذاً

8...الترغيب والترہيب ،كتاب الصوم،باب الترغيب فى صوم شعبان...الخ، حديث:١٥٤٥،٣٤/٢ماخوذاً

9...مستدرک،كتاب الزكاة،باب افضل الصدقة...الخ،حديث: ١٥١٥،٢/ ٢٧ ماخوذاً

10...التر غيب والترهيب، كتاب الادب،الترغيب فى اصلاح بين الناس،حديث:٤٣١٤،٣٨٩/٣ماخوذاً

سان احسان ڪرڻ.[1] ۽ سني گفتگو ڪرڻ.[2]

اهي سيئي ڪم مختلف احاديثِ مُبارڪ جي روشني ۾ افضل صَدَقي ۾ شُمار ٿيندا آهن، جن مان ڪجھ مالي ۽ ڪجھ غير مالي صَدَقا آهن، جن ۾ مال خرچ ڪرڻ بِنا ئي صَدَقي جو ثواب حاصل ٿي ويندو آهي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ تبليغِ قرآن وسنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي اهلِ حق جي عالمگير غير سياسي، مسجد ڀريو تحريڪ آهي جيڪا تبليغ دين جي تقريباً 102 شعبن ۾ نيڪي جون ڌومون مچائڻ ۾ سرگرمِ عمل آهي. هن نازُڪ دَور ۾ جڏهن باطل قوّتون چئني پاسي کان سڄي طاقت سان مسلمانن جي ايمان کي برباد ڪرڻ ۽ اُنهن کي گمراهي جي کڏ ۾ ڪيرائڻ جي ڪوشش ۾ مشغول آهن، اهڙي ۾ دعوتِ اسلامي اُمّيد جو ڪِرڻو بڻجي چمڪي ۽ هن مدني تحريڪ اُمّت جي ٻڏندڙ ڪِشتي کي سهارو ڏيڻ، سڄي دُنيا ۾ تعليمِ قرآن ۽ سُنّت کي عام ڪرڻ، نُورِ قرآن سان سينن کي سرشار ۽ اُمّتِ مُصطَفٰي کي خوابِ غفلت مان بيدار ڪرڻ جي جذبي جي تحت مختصر عرصي ۾ گھڻن ئي ملڪن ۽ شهرن ۾ مدني منّن ۽ منّين جي لاءِ سوين مدرسا "مدرسة المدينه" جي نالي سان، جڏهن ته اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن جي تعليم ۽ تربِيت جي لاءِ جامعات بنام "جامعة المدينه" جو بُنياد رکيو، هن ۾ بِلامبالغه هزارين شاگرد ۽ شاگردياڻيون قُرآن ۽ سنت جي مُفت تعليم حاصل ڪندا آهن، جتي انهن کي زيورِ قرآن ۽ علمِ دين نيز شرعي ۽ اخلاقي تربِيت سان آراسته ڪرڻ جو خصوصيت سان اهتمام ڪيو

---

1...شعب الايمان،باب فی تعاون علی البر والتقوی،حديث:۷۶۸۲،۶ ص۱۲۴ ماخوذاً

2...شعب الايمان،باب فی تعاون علی البر والتقوی، حديث: ۷۶۸۴،۶ ص۱۲۵ ماخوذاً

www.dawateislami.net

ويندو آهي، تہ جيئن دَورِ طالبِ علمي کان فراغت بعد قوم جا اُهي حقيقي مِعمار مُعاشري جي بگاڙ کي سڌارڻ ۾ پنهنجو ڪردار اَدا ڪندي، شيخ طريقت،اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي عطا ڪيل هن مدني مقصد جي تحت زندگي گُذارڻ وارا بڻجي وڃن تہ **”مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي۔اِنْ شَآءَ اللهُ عَزَّوَجَلَّ“**

ياد رکو! دعوتِ اسلامي جي تحت هلڻ وارا اهي مدارِسُ المدينہ و جامعاتُ المدينہ دِيني فضليت جي لحاظ سان وڏي اهميت جا حامل آهن، اهو ئي سبب آهي جو انهن مدارِسُ المدينہ ۽ جامعاتُ المدينہ کي قائم رکڻ جي لاءِ اِنهن جي مختلف اَخراجات جي مَد ۾ سالانو ڪروڙين روپيا خرچ ڪيا ويندا آهن، جنهن جي لاءِ ڪڏهن مدني چينل جي ذريعي بہ ٽيلي ٿون (يعني مدني عطيات جمع ڪرڻ جي مهم) جي بہ ترڪيب ٿيندي آهي، تنهنڪري اوهان سان بہ عرض آهي تہ علمِ دين جي طالبن جي دُعائن مان حِصّو پائڻ، دعوتِ اسلامي جي ترقّي ۽ بقا ۽ مدارِس المدينہ و جامعات المدينہ جي نظام کي مضبوط کان مضبوط تَر بڻائڻ جي لاءِزکوٰة، فطرات، صَدَقات ۽ خَيرات، نفلي عطيات ۽ عُشر وغيره جي ذريعي نہ صرف پاڻ تعاوُن ڪيو بلڪ پنهنجي عزيزن، پاڙيسرين ۽ دوست اَحباب تي انفرادي ڪوشش ڪري اُنهن کي بہ هن جي ترغيب ڏياريو، اسان جي زبان چَورڻ ۽ اسان جي اِنفرادي ڪوشش سان جيڪڏهن ڪنهن جو مدني ذهن بڻجي ويو ۽ اُن پنهنجي زڪوة، فطرات، صَدَقات ۽ خَيرات،نفلي عطيات يا عُشر وغيره دعوتِ اسلامي کي مدني ڪمن جي لاءِ ڏني تہ اها اسان جي لاءِ بہ ثوابِ جاريہ جو ذريعو بڻجي ويندي.

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هزارين عاشقانِ رسول، مختلف انداز سان "تبليغِ قرآن وسُنّت جي عالمگيرغير سِياسي مسجد پريو تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مدني ڪمن جي لاءِ مالي تعاون جي سعادت حاصل ڪندا رهندا

آهن، ٿي سگهي ٿو ته اسان مان ڪنهن جي ذهن ۾ سوال اچي ته ڀلا مان ڪهڙي نموني پنهنجو حصو دعوتِ اسلامي جي مدني ڪمن جي لاءِ شامل ڪري سگهان ٿو؟

اچو هڪ نهايت ئي آسان طريقو اوهان جي خدمت ۾ عرض ڪيان ٿو ته جنهن جي ذريعي غريب کان غريب به دعوتِ اسلامي جي مدني عطيات ۾ پنهنجو حصو شامل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي سگهي ٿو، اهو ڇا آهي، ”مدني عطيات بڪس(Box)“ جي ذريعي مالي تعاون.

دعوتِ اسلامي جي شعبي ”مجلس مدني عطيات بڪس“ جي طرفان هڪ بڪس جي ترڪيب ڪئي وئي آهي، اهي مدني عطيات بڪس دُڪانن، ڪارخانن، مارڪيٽن، شاپنگ مالز، ميڊيڪل اسٽورز ۽ دفترن وغيره ۾ رکڻ سان گڏوگڏ گهرن ۾ به رکيو ويندو آهي، ته جيئن اسان پنهنجي آساني ڪي ڏسندي روزانو ڪجھ نه ڪجھ رقم ان بڪس ۾ وجهندا رهون جيڪي دُڪاندار آهن اهي سنين سنين نيتن سان پنهنجي گراهڪن (Customers) تي اِنفرادي ڪوشش ڪري انهن کي به راهِ خدا ۾ مال خرچ ڪرڻ جي ترغيب ۽ فضائل ٻڌائي انهن کي به پنهنجو حصو شامل ڪرڻ جي ترڪيب ڪيو ته مدينه مدينه.

مشورةً عرض آهي ته اسان روزانو هڪ رقم خاص ڪيون مثال طور 5 روپيا ئي سهي، پوءِ ان جي مطابق اسان روزانو پنهنجو حصو وجهندا وڃون ۽ مجلس مدني عطيات بڪس جي طئي شده طريقي جي مطابق اهي مدني عطيات جمع به ڪرائي ڇڏيون. جيڪي دُڪانن وغيره تي بڪس رکيا ويندا آهن، هن کي "مدني عطيات بڪس" ۽ جيڪي گهرن ۾ بڪس رکيا ويندا آهن، اُن کي"گهريلو صدقه بڪس" چئبو آهي.

www.dawateislami.net

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اِنَّ الدَّالَّ عَلَى الْخَيْرِ كَفَاعِلِهٖ يعني بيشڪ نيڪي جي راهه ڏيکارڻ وارو ، نيڪي ڪرڻ واري جيان آهي.[1]

مُفَسّرِ شَهير،حڪيمُ الأُمَّت مفتي احمد يار خان رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه فرمائن ٿا: يعني نيڪي ڪرڻ وارو، ڪرائڻ وارو، ٻڌائڻ وارو ۽ مشورو ڏيڻ وارو، سڀ ثواب جا حقدار آهن.[2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بيان جو خُلاصو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄ جي بيان ۾ اسان صَدَقي جون فضيلتون ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي.

- اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّ وَجَلَّ صَدَقي ۽ خَيرات ڪرڻ جي برڪت سان مال جي سڙڻ، ٻُڏڻ ۽ چوري ٿيڻ سان حفاظت ٿيندي آهي.
- صَدَقي ۽ خَيرات ڪرڻ جي برڪت سان رزق ۾ ڪُشادگي ايندي آهي.
- صَدَقي ۽ خَيرات ڪرڻ جي برڪت سان آفتن ۽ بَلائُن کان نجات ملندي آهي، بُري موت ٽرندي آهي پڻ وڏائي ۽ فخر جي باطني بيماري دُور ٿيندي آهي.
- صَدَقو، قبر جي گرمي کان حفاظت، عمر ۾ بَرَڪت، جهنم کان آزادي، قربِ الٰهي جي حُصول ۽ جنّت جي طرف هدايت ۽ رهنمائي جو موثّر ترين ذريعو آهي،

تنهنڪري اسان کي بہ گهرجي تہ ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ توفيق آهر

1...ترمذی،کتاب العلم،باب ماجاء الدال علی الخیر کفاعله،۳۰۵/۴، حدیث:۲۶۷۹

2...مرآۃالمناجیح،۱۹۴/۱بتغیر قلیل

پنهنجي پسند جون شيون اخلاص سان الله عَزَّوَجَلَّ جي راهه ۾ ضرور صَدَقو ڪيون ۽ بُخل کان هردَم بچندا رهون، ڪٿي ائين نه ٿئي جو صَدَقي ۽ ٻين نيڪ ڪمن ۾ ڪوتاهي ڪندي ڪندي اسان جا مَعاشي حالات اهڙي موڙ تي اچي وڃن جو اسان چاهڻ باوُجُود بہ صَدَقات ۽ خَيرات نہ ڪري سگهون يا وري مَوت ئي اچي وڃي ۽ اسان کي اهڙي حَسرت ۽ پڇتاوي ۾ مبُتلا ڪري، جنهن جو ڪو حاصِل ناهي. اهو بہ معلوم ٿيو تہ صَدَقو صرف مالي تعاون سان خاص ناهي بلڪ ڪنهن مسلمان جي سامهون مسڪرائڻ، نيڪي جي دعوت ڏيڻ، بُرائي کان روڪڻ، راهه تان تڪليف وارين شين کي هٽائڻ ۽ مسلمانن ۾ صلح ڪرائڻ وغيره جي ذريعي ڪو پائي پيسو خرچ ڪرڻ بنا بہ صَدَقي جو ثواب ڪمائي سگهجي ٿو، الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي خُوش دلي سان پنهنجي راهه ۾ وقت بوقت صَدَقو ۽ خَيرات ۽ نيڪ ڪم ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِين صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو ! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّي اللهُ تَعَالي عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سُنّتیں عام کریں دین کا ہم کام کریں
نیک ہو جائیں مسلمان مدینے والے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

---

1... مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،٩٧/١،حديث:١٧٥

www.dawateislami.net

## هلڻ جون 15 سنتون ۽ آداب

اچو! شيخ طريقت، امير اهلسنّت حضرت علّامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رسالي"163 مدني گل"مان هلڻ جون 15 سنتون ۽ آداب ٻڌون ٿا. سيپاري 15 سورهٔ بني اسرائيل آيت نمبر 37 ۾ ارشاد ربُّ العِبَاد آهي:

وَ لَا تَمْشِ فِی الْاَرْضِ مَرَحًا ۚ اِنَّكَ لَنْ تَخْرِقَ الْاَرْضَ وَ لَنْ تَبْلُغَ الْجِبَالَ طُوْلًا۔
(پ۱۵،بني اسرائيل:۳۷)

ترجموڪنزالايمان: ۽ زمين ۾ آڪڙ ڪري نہ هل بيشڪ تون زمين کي هرگز چيري نہ سگهندين ۽ هرگز پهاڙن جي اوچائي کي نہ پهچندين.

❁ فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: هڪ شخص بہ چادرون پائي تڪَبُّر سان هلي رهيو هو ۽ گهمنڊ ۾ هو اهو زمين ۾ داخل ڪيو ويو ۽ اهو قيامت تائين زمين ۾ داخل ڪيو ويندو.[1] ❁ رسولِ اڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هلندا هئا تہ ڪجهہ اڳيان طرف جهڪي هلندا هئا جڻ تہ پاڻ مٿانهون ڪان هيٺ پيا لهن.[2] ❁ جيڪڏهن ڪا رڪاوٽ نہ هجي تہ رستي جي ڪناري ڪناري وچٿري چال هلو، نہ ايترو تيز جو ماڻهن جون نگاهون اوهان ڏانهن ٿين تہ تڪڙو تڪڙو ڪيڏانهن وڃي رهيو آهي! نہ ايترو آهستي جو ڏسڻ واري کي اوهان بيمار لڳو ❁ رستي تي هلندي پريشان نظري(يعني بلاضرورت هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ) سنت ناهي، هيٺ نگاهہ ڪري باوقار طريقي سان هلو ❁ هلڻ يا ڏاڪڻ تان لهڻ مهل هي احتياط ڪيو تہ جوتن جو آواز پيدا نہ ٿئي ❁ رستي تي بہ عورتون بيٺيون هجن يا وڃي رهيون هجن تہ انهن جي وچ مان نہ گذرو جو حديث پاڪ ۾ هن جي مُمانعت آيل آهي.[3] ❁ ڪجهہ ماڻهن

1...مُسلِم،كتاب اللباس والزينة،باب تحريم التبختر فی المشی...الخ،ص۱۱۵۶،حديث:۲۰۸۸ملخصاً
2...الشمائل المحمدية للترمذی،باب ما جاء فی مشية رسول اللہ ، ص۸۷،رقم:۱۱۸
3...ابوداود ،كتاب الادب،باب فی مشی النساء مع الرجال فی الطريق، ۴۷۰/۴،حديث:۵۲۷۳

www.dawateislami.net

جي عادت هوندي آهي تہ رستي تي هلندي جيڪا بہ شيء سامهون آئي ان کي لتون هڻندي گذرندا آهن، هي بلڪل غير مُهَذَّب طريقو آهي ائين ڪرڻ سان ڪنهن جو پير زخمي ٿيڻ جو انديشو آهي ۽ اخبار يا لڪائي وارن دٻن، پيڪٽن، ۽ مِنرل واٽر جي خالي بوتلن وغيره کي لت هڻڻ بي ادبي بہ آهي.

مجھ کو جذبہ دے سفر کرتا رہوں پروردگار سنّتوں کی تربیت کے قافلے میں بار بار

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مکتبة المدينہ** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**بهار شريعت**" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "**سنتيں ۽ آداب**" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

علم حاصل کرو، جہل زائل کرو پاؤگے راحتیں، قافلے میں چلو
سنّتیں سیکھنے، تین دن کے لیے ہر مہینے چلیں، قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (1) جمعو جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[2]

---

[1]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

## (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الهَادِى ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابہَ ڪرام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[3]

---

[1] ...القول البديع، الباب الثانی، ص277،

[2] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[3] ...القول البديع، الباب الاول، ص125

www.dawateislami.net

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان رِوايت آهي ته سرڪارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[2]

## (2) جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

[1] … الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

[2] … مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة…الخ،254/10،حديث:17305

www.dawateislami.net

(خداءِ حليم و ڪريم ڪان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## (رجب المرجب جي هر هفتيوار اجتماع ۾ هي دعا پڙهائي وڃي)

رجب ۾ هي دعا پڙهڻ سنت آهي! جڏهن رجب جو مهينو ايندو ته نبي اڪرم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم هي دعا پڙهندا هئا:

اَللّٰهُمَّ بَارِكْ لَنَا فِيْ رَجَبٍ وَّ شَعبَانَ وَ بَلِّغنَا رَمَضَان۔

يعني اي الله عَزَّوَجَلَّ! تو اسان جي لاءِ رجب ۽ شعبان ۾ برڪتون عطا فرما ۽ اسان کي رمضان تائين پهچا. (المعجم الاوسط للطبراني، ج 3، ص 85، حديث 3939)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد